# فيضانِ شعبان

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ
وارو سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ شعبان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمناً مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت جي وجہ سان ٽي ٽي (3،3) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ هو هن جا ان ڏينهن ۽ رات جا گناهہ بخشي ڇڏي. (معجم ڪبير، ج18 ص 362 حديث 927)

آس ہے نہ کوئی پاس ایک تمہاری ہے آس     بس ہے یہی آسرا تم پہ کروڑوں درود

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!     صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پھريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ اللّٰہ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِا لۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي ھن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني "منھنجي طرفان پھچايو جيتوڻيڪ ھڪ ئي آيت ھجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙھڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالھائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علم جو رُعب ويھارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالھائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺھڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جھڪائي رکندس. صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ھي مبارڪ مھينو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده ۽ درود پاڪ پڙھڻ جو مھينو آھي، غنية

---

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

**الطالبين** ۾ آهي تہ شَعبَانُ المعظم ۾ خيرالبريه سيِّدُ الوريٰ جنابِ محمّدِ مُصطَفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود پاڪ جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي نبيّ مُختار صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلڻ جو مهينو آهي. (غنيتہ الطلبين ج:1 ص: 342) تنهنڪري هن مبارڪ مهيني ۾ ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا رهو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ دُرود ۽ سَلام جي خوب خوب ترغيب ڏني ويندي آهي. انهي ڪارڻ مَدَني چينل تي شهزاده عطّار ابُو محمد بلال رَضا عطاري المدني مدظله العالي جن "فيضانِ دُرود ۽ سَلام" نالي سلسلي ۾ درود ۽ سلام جا فضائل بيان فرمايا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ هن سلسلي کي تحريري صورت ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ "گلدستہ درود ۽ سَلام" جي نالي سان 660 صحفات تي مُشتمل ڪتاب جاري ڪئي آهي، هن ڪتاب ۾ هر هنڌ درود پاڪ جي فضائل تي مشتمل احاديث مبارڪہ، بزرگان دين جا اقوال، ايمان افروز حڪايتون ۽ درود پاڪ نہ پڙهڻ جون وعيدون ۽ ٻين ڪيترن موضوعات تي ڪافي معلومات موجود آهي. اچو تہ شعبان المعظم ۾ درود پاڪ جي عادت بنائڻ جي لاءِ هن ڪتاب جي صحفو 422 تان هڪ حڪايت ٻڌون ٿا.

## شفاعت جي نويد

هڪ ماڻهو حُضور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف نہ پڙهندو هو، هڪ رات خواب ۾ زيارت سان مشرّف ٿيو، پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جي طرف توجهہ نہ فرمائي، هن عرض ڪيو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول



www.dawateislami.net

صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا توهان مون کان ناراض آهيو؟ ”فرمايائون“ نہ. هن شخص پڇيو: پوءِ توهان منهنجي طرف توجهہ ڇو نہ ٿا فرمايو؟ ”فرمايائون“ ”هن لاءِ جو آئون توکي نٿو سڃاڻان“. هن شخص عرض ڪيو: ”حضور! توهان مونکي ڪيئن نٿا سڃاڻون، آئون تہ توهان جي امّت جو هڪ فرد آهيان. ”ﺀ عُلماء فرمائيندا آهن تہ توهان پنهنجي امتين کي ان کان بہ وڌيڪ سڃاڻيندا آهيو جيئن ڪو پيءُ پنهنجي پُٽ کي سڃاڻيندو آهي. پاڻ فرمايائون: ”عُلماء سچ چيو، پر تون مونکي درود شريف جي ذريعي ياد نہ ٿو ڪرين ۽ آئون پنهنجي امّت جي ماڻهن کي درود پاڪ پڙهڻ جي وجهہ سان سڃاڻندو آهيان، جيتري قدر اهي مون تي درود پڙهندا آهن ايتري قدر آئون انهن کي سڃاڻيندو آهيان“. جڏهن اهو شخص سجاڳ ٿيو تہ هن پنهنجي مٿان لازم ڪيو تہ حضور سرورِ ڪائنات صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي روزانو هڪ سؤ پيرا درود پاڪ پڙهندس، هاڻي هن شخص روزانو سؤ پيرا درود پاڪ پڙهڻ پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. ڪجهہ عرصي بعد وري حضور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان مُشرّف ٿيو، پاڻ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن فرمايو: مون توکي هاڻي سڃاتو آهي ۽ آئون تنهنجي شَفاعت بہ ڪندس.

(مڪاشفة القلوب، ص 79 ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ درود پاڪ پڙهڻ واري کان نبّي ڪريم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ صرف خوش ٿيندا آهن بلڪ شربت ديدار سان بہ نوازيندا آهن. تنهنڪري اسان کي بہ گهمندي، ڦرندي، هلندي، ويهندي پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ گهرجي.



www.dawateislami.net

حضرت سَيّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي نبّي رَحمت، شفيع اُمَّت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”جيڪو مؤمن جمع جي رات ٻه رڪعتون هن طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سورة الفاتحه کان بعد 25 ڀيرا ”قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ“ پڙهي پوءِ درود پاڪ ”صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ“ هزار ڀيرا پڙهي ته اچڻ واري جمعي کان پهريان خواب ۾ منهنجي زيارت ڪندو ۽ جنهن منهنجي زيارت ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جا گناهه معاف فرمائي ڇڏيندو.“

(القول البديع، الباب الثالث في الصلاة عليه في اوقات مخصوصته، ص 383)

حضرت سَيّدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل تا ڪن: ”جيڪو شخص جمع جي ڏينهن هڪ هزار ڀيرا هي درود شريف پڙهي ته اهو سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت ڪندو، يا جنّت ۾ پنهنجي منزل ڏسندو، جيڪڏهن پهرين دفعي مقصد پورو نه ٿيو ته ٻي جمعي تي به ان کي پڙهي وٺي ، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنج جمعن تائين هن کي سرڪارِ مدينه صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي ويندي“.

(تاريخ مدينه، ص 343، ملخصاً)

منا منا اسلامي ڀائرو! حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج، ديدارِ ڪبريا آهي ۽ هڪ عاشق رسول جي معراج ديدار مُصطفٰي آهي. ڪير اهو بدنصيب هوندو جنهن جي دل ۾ پياري آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي سِڪ نه هجي، يقيناً هر عاشقِ رسُول جي اها ئي آرزو هوندي ته......



www.dawateislami.net

کچھ ایسا کردے مرے کردگار آنکھوں میں　　ہمیشہ نقش رہے روئے یار آنکھوں میں

اُنہیں نہ دیکھا تو کِس کام کی ہیں یہ آنکھیں　　کہ دیکھنے کی ہے ساری بہار آنکھوں میں

(سامان بخشش، ص ١٣١)

صَـلُّوا عَلَي الـحَبِيب!　　صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلي مُحَـمَّد

حضرت سيّدنا شيخ ابُو المَواهب شاذلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص نبّي مڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪرڻ چاهي ته ان کي گهرجي ته حضور سَيّدِ عالم صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو رهي ۽ سادات ۽ ولين سان محبت رکي نه ته خواب (۾ زيارت) جو دروازو هن تي بند آهي، ڇو جو هي نُفوسِ قُدسيّه سيني ماڻهن جي سردار آهي، هي جنهن کان ناراض ٿيندا آهن الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به ان کان ناراض ٿيندا آهن.

(افضل الصلوٰة علي سيد السادات، ص 127)

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان به الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا چاهيون ٿا ۽ حضور صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جا خواهشمند آهيون ته درود پاڪ کي پنهنجو صبح ۽ شام جو وظيفو بڻايو، سچي سِڪ سان هن ۾ رُڌل رهون ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور اسان تي ڪرم ٿيندو ۽ اسان کي به زيارت نصيب ٿي ويندي.

منهنجي آقاءِ نعمت، سرڪارِ اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن مختلف وقتن ۾ پڙهيا ويندڙ وظائف ۽ دُعائن جي مدني گُلدستي **”الوظيفة الڪريمه“** ۾ زيارِت



www.dawateislami.net

مصطفٰي صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ درود پاڪ جا ڪجهه مخصوص صيغا ذڪر ڪرڻ کان بعد لکن ٿا: (درود پاڪ) خالص تعظيمِ شانِ اَقدس جي لاءِ پڙهي، هن نيّت کي بہ (دل ۾) جڳهہ نہ ڏي تہ مونکي زيارت عطا ٿئي، اڳيان انهن جو ڪرم تمام وسيع ۽ بي انتها آهي. منهن مدينہء طيّبہ (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا) جي طرف هجي ۽ دل حُضورِ اَقدس صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف، دَسّت بَسّتہ (هٿ ٻڌي ڪري) پڙهي (۽) هي تصوّر ڪري تہ روضہء انور کان حضور حاضر آهن ۽ يقين ڄاڻي تہ حضور انور صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن کي ڏسي رهيا آهن، هن جي آواز ٻڌي رهيا آهن، هن جي دل خطرن کان بہ آگاهہ آهن. (الوضيفتہ الڪريمہ، ص 28)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ اخلاص ۽ استقامت سان گڏ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ٻڌايل طريقن تي عمل ڪندي درود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايون تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ديدارِ مصطفٰي کان مُستفيض ٿيڻ سان گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ جي بيشمار رحمتن ۽ ڪروڙين برڪتن جا حقدار بہ بڻجي ويندا سين. اچو ترغيب جي لاءِ درود پاڪ جا مزيد فضائل ٻڌون.

حضرتِ سَيِّدُنا شيخ عبدالحق مُحدّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی "جذبُ القُلوب" ۾ ارشاد فرمائن ٿا: "جڏهن مؤمن ٻانهو هڪ ڀيري درود شريف پڙهندو آهي تہ الله (عَزَّوَجَلَّ) هن تي ڏهہ (10) ڀيرا رحمت موڪليندو آهي، (ڏهہ (10) درجا بلند ڪندو آهي، ڏهہ (10) نيڪيون عطا فرمائيندو آهي، ڏهہ (10) غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب (الترغيب والترهيب، ڪتاب الذڪروالدعائي، الترغيب في اڪثار الصلاة علي النبي، 322/2، حديث: 2574) درودِ پاڪ دعا جي قبوليت جو سبب آهي، (فردوس الاخبار، باب الصاد، 22/2، حديث 3554) هن جي پڙهڻ سان شفاعت



www.dawateislami.net

مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واجب ٿي ويندي آهي. (معجم الاوسط، من اسم بکر، 279/2، حديث: 3285) مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بابِ جنَّت وٽ قُرب نصيب ٿيندو، درود پاڪ تمام پريشانين کي دور ڪرڻ جي لاءِ ۽ تمام حاجتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي، (در منثور، پ 22، الاحزاب، تحت الآيته 254/6،56، ملخصًا) دُرود پاڪ گناهن جو ڪفارو آهي، (جلاء الافهام، ص 234) صدقي جي قائم مقام بلڪ صدقي کان بہ افضل آهي.“ (جذبُ القلوب، ص 229)

حضرتِ سيِّدُنا شيخ عبدالحق مُحدّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: درود شريف سان مصيبتون ٽرنديون آهن، بيمارين کان شفاء حاصل ٿيندي آهي، خوف دور ٿيندو آهي، ظُلم کان نجات حاصل ٿيندي آهي، دشمن تي فتح حاصل ٿيندي آهي، اللّٰہ (عَزَّوَجَلَّ) جي رِضا حاصل ٿيندي آهي ۽ دل ۾ هن جي محبّت پيدا ٿيندي آهي، فرشتا هن جو ذڪر ڪندا آهن، عملن جي تڪميل ٿيندي آهي ، دل ۽ جان ، اسباب ۽ مال جي پاڪائي حاصل ٿيندي آهي، پڙهڻ وارو خوشحال ٿي ويندو آهي، برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اولاد در اولاد چار (4) نسلن تائين برڪت رهندي آهي.

(جذب القلوب ص 229)

منا منا اسلامي ڀائرو! حصولِ برڪت، ترقيء معرفت ۽ حضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قربت حاصل ڪرڻ جي لاءِ درود و سلام جي ڪثرت انتهائي ضروري آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اٿندي، ويهندي، گهمندي ، ڦرندي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ بابرڪت تي دوردِ پاڪ جا گل نڇاور ڪريون، بالخصوص هن شعبان المعظم جي مهيني ۾ وڌ کان وڌ پڙهون، ڏينهن ۾ روزا رکون ۽ ان جي راتين ۾ قيام جو معمول بڻايون ڇو تہ



www.dawateislami.net

منهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو آهي. آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: شَعْبَانُ شَهْرِىْ وَ رَمَضَانُ شَهْرُ اللهِ يعني شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله جو مهينو آهي. (جامع الصغير، ص301، حديث 4889) آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني کي بي حد پسند فرمائيندا ۽ ڪثرت سان روزا رکندا هئا. اُمُّ الْمُؤمِنِين سيّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي فرمائيندي ٻُڌو: منهنجي سرتاج، صاحبِ مِعراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده مهينو شَعبَانُ الْمُعَظّم هو جو ان ۾ روزا رکندا هئا پوءِ ان کي رَمَضانُ الْمُبَارک سان ملائي ڇڏيندا هئا. (ابو داؤد ج 2 ص 476 رقم الحديث 2431 داراحياء التراث العربي بيروت)

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شعبان جا اڪثر روزا رکندا هئا

هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا نہ رکندا هئا بلڪ پوري شعبان ئي جا روزا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: پنهنجي اِسۡتِطاعَت مطابق عمل ڪريو جو الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين پنهنجو فضل ناهي روڪيندو جيستائين توهان تنگ نہ ٿيو.

(صحيح بخاري ج 1 ص 648 حديث 1970 دارالڪتب العلمية بيروت)

شارِحِ بُخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِى هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: مراد هي تہ شَعبان جي اڪثر ڏينهن جا روزو رکندا هئا، انهيءَ کي تَغلِيباً (غلبي ۽ زيادت جي لحاظ کان) ڪُل سان تَعبِير ڪيو آهي (يعني سڄي مهيني روزا رکڻ مراد ورتي وئي آهي) جيئن چوندا آهن: ”فلان سڄي رات عبادت



www.dawateislami.net

ڪئي.“ جڏهن تہ هن رات جو ماني بہ ڪاڌي هوندي ۽ ضروري حاجتن کان بہ فراغت حاصل ڪئي هوندي، هتي تَغلِيباً اڪثر ڪي ڪُل چيو ويندو آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: هن حديث مان معلوم ٿيو تہ شَعبان ۾ جيڪو طاقت رکي اهو وڌ کان وڌ روزا رکي، البتہ جيڪو ڪمزور هجي اهو روزا نہ رکي ڇوتہ هن سان رمضان جي روزن تي اثر پوندو آهي، اها ئي مراد آهي انهن حديثن جو جنهن ۾ فرمايو ويو آهي تہ نصف شعبان کان پوءِ روزا نہ رکو.

(ترمذي حديث 738) (نزهة القاري ج 3 ص 377، 380 فريد بڪ اسٽال مرڪز الاولياء لاهور)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ  اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفٰي صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مبارڪ مهيني کي ڪيتري قدر پسند فرمايو، حالانڪ هن مهيني ۾ روزا فرض ناهن پر پوءِ بہ پاڻ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان روزا رکندا هئا. هاڻي ٿورو غور ڪريو تہ پياري آقا صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَيِّدُ الْمَعْصُوْمِيْن تي ڪري بہ هن مبارڪ مهيني جا اڪثر ڏينهن روزي جي حالت ۾ گذاريا، تہ اسان گناهگارن کي هن مهيني ۾ روزن رکڻ جي ڪيتري ضرورت آهي. اسان کي گهرجي تہ رمضان جي روزن جي علاوه نفل روزا رکڻ جي عادت بڻايون، هن ۾ اسان جي لاءِ بيشمار فائدن سان گڏوگڏ ڪثير دُنيَوي فائدا بہ آهن.

ديني فائدن ۾ ايمان جي حفاظت، گناهن کان بچت، جنّهم کان نجات ۽ جنّت جو حصول شامل آهي ۽ جيستائين دنيوي فائدن جو تعلق آهي تہ روزن ۾ ڏينهن جي وقت کائڻ پيئڻ ۾ وقت جي بچت ۽ پئسن جي بچت، پيٽ جي اصلاح، معدي کي آرام ملڻ سان گڏوگڏ بين ڪيترين ئي



www.dawateislami.net

بيمارين کان حفاظت جو سامان آهي. ۽ سيني فائدن جي بنياد هي آهي تہ هن کان الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي. اسان کي بہ ڪجھ ڏينهن جي تڪليف برداشت ڪري بيشمار ديني ۽ دنيوي فائدن جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، مزيد هي تہ نفل روزا رکڻ جو ثواب ايترو آهي جو جيءُ چاهيندو آهي بس روزا ئي رکندا رهون.

تاجدار رسالت، شفيع روزِ قيامت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: "جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفل روزو رکيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دوزخ کان 40 سال (جي فاصلي) برابر دور فرمائي ڇڏيندو". (ڪنز العمال، ج 8، ص 255، حديث 241448) (فيضانِ سنت، ص 1336)

الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ ٻيو فرمانِ رغبت نشان آهي: "جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن نفل روزو رکيو ۽ زمين برابر سَون ان کي ڏنو وڃي، تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو، ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو" (ابو يعلٰي، ج 5، ص 353، حديث 6104)

## بهترين عمل!

حضرت سيدنا ابو امامہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا : مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڪو عمل ٻڌايو. ارشاد فرمايائون: "روزا رکندو ڪر چو تہ ان جيان ٻيو ڪو عمل ناهي". مون ٻيهر عرض ڪيو، "مون کي ڪو عمل ٻڌايو". ارشاد فرمايائون: "روزا رکندو ڪر چو تہ ان جيان ٻيو ڪو عمل ناهي".مون ٻيهر عرض ڪيو، "مون کي ڪو عمل ٻڌايو". ارشاد فرمايائون: "روزا رکندو ڪر چو تہ ان جو ڪو مثل ناهي" (نسائي، ج 4،ص 166)



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان نفلي روزن جي عادت بنائڻ وارن جا ڀاڳ ئي ڀلا جو الله عَزَّوَجَلَّ سندن جهنم کان 40 سال جي فاصلي کان پري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي زمين جي برابر سون به ڏنو وڃي تڏهن به هي ان ثواب کي پهچي نه سگهندو، جيڪو بروزِ قيامت ڏنو ويندو. تنهنڪري جهنم کان بچڻ وارو ۽ آخرت ۾ ملڻ وارو بي شمار اجر ۽ ثواب کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرض روزن سان گڏ نفلي روزن جئين رجب، شعبان، هر سومر شريف ۽ جمعرات جو روزو رکڻ جو اهتمام ڪرڻ گهرجي.

شيخ طريقت امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمّد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي نفلي روزن سان گهڻو پيار آهي. اها ئي وجہ آهي تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سال جي منع ڪيل ڏينهن کان علاوه اڪثر روزي سان هوندا آهن، ان کان علاوه پوري مهيني رجب المرجب ۽ شعبان المعظم جا روزا رکڻ سان گڏوگڏ سومر شريف جو روزو رکڻ جي به ڀرپور ترغيب ڏياريندا آهن.

پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ترغيب ڏياڻ سان ڪيترا ئي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀيڻون رَجَبُ المُرجَّب ۽ شَعبَانُ المُعظم جا پورا نہ تہ اڪثر ڏينهن روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۽ سومر شريف جو روزو رکڻ تہ اسان جي مدني انعامات ۾ بہ شامل آهي جيئن تہ مدني انعام نمبر 58 آهي: **ڇا توهان هن هفتي سومر شريف (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڏينهن) جو روزو رکيو؟ گڏوگڏ هن هفتي گهٽ ۾گهٽ هڪ ڏينهن ڪاڏي ۾ جوَ شريف جي ماني ڪاڌي؟**



www.dawateislami.net

## شعبان جي آمد تي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانُ جن جو معمول

منا منا اسلامي ڀائرو! شَعبانُ المعظم ۾ نفلي روزا رکڻ جي اهتمام سان گڏوگڏ اسان کي هن مهيني ۾ خوب خوب عبادت بہ ڪرڻ گهرجي. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانُ جن جو معمول هو تہ هن مبارڪ مهيني جي آمد تيندي ئي پنهنجو گهڻو وقت نيڪ اعمال ڪرڻ ۾ صَرف ڪندا هئا. جئين تہ

حضرتِ سَيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: ”ماهِ شعبان جو چنڊ نظر ايندي ئي صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪيندا هئا تہ جيئن ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهو ماهِ رمضان المبارڪ جي روزن جي لاءِ تياري ڪري سگهن، حاڪم قيدين کي طلب ڪري جنهن تي ”حد“ (سزا) قائم ڪرڻي هوندي هئي انهن تي حد قائم ڪندا هئا، بقايا کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا، واپاري پنهنجو قرض ادا ڪري ڇڏيندا هئا، ٻين کان پنهنجو قرض وصول ڪندا هئا، (ائين ماهِ رمضان المبارڪ جي مهيني جو چنڊ نظر اچڻ پهريان ئي پنهنجو پاڻ کي فارغ ڪري ڇڏيندا هئا) ۽ رمضان شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي غسل ڪري (ڪجھ ماڻهوسڄي مهيني جي لاءِ) اِعتِڪاف ۾ ويهي رهندا هئا.

(غنية الطالبين ج 1 ص 341)(فيضانِ سنّت ج 1، فيضان رمضان ص 451)

## شبِ براءَت عبادت جي رات

اسان جي پياري آقا صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ هن مهيني ۾ خوب خوب عبادت فرمائيندا هئا. حضرت سَيِّده عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائين



www.dawateislami.net

ٿيون تہ (هڪ دفعي) شَعبانُ المعظم جي پندرهين رات تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي فرمايو: مونکي هن رات ۾ عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏيو. مون عرض ڪئي: جي ها، منهنجا ماءُ پيءِ توهان صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تان قربان وڃن. ان کان پوءِ پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيام فرمايو ۽ جڏهن پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ڏاڍو ڊگهو سجدو فرمايو. مونکي هي گمان ٿيو تہ شايد حضور انور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روح قبض ڪئي وئي آهي، مون پنهنجا هٿ پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدم مبارڪ تي رکي اندازو ڪيو تہ حرڪت معلوم ٿيڻ تي آئون بي حد خوش ٿيس. (شعب الايمان 384/3 حديث: 3837)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محبوبِ خدا آهن ۽ سَيِّدُ الْمَعْصُومِيْن هئڻ جي باوجود ان مبارڪ رات ۾ ڪيتري قدر عبادت ڪندا هئا. اسان کي بہ هن رات ۾ آتشبازي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي وارن ڪمن کان بچندي خوب خوب عبادت ڪرڻ گهرجي.

منقول آهي جيڪو هن رات ۾ سؤ (100) رڪعتون پڙهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي طرف 100 فرشتا موڪليندو آهي، ان مان 30 جنّت جي خوشخبري ٻڌائيندا آهن، 30 جهنم جي باهہ کان بچائيندا آهن، 30 فرشتا هن جي دنيوي آفتن کي ٽاريندا آهن ۽ 10 فرشتا هن کي شيطان جي مکر ۽ فريب کان بچائيندا آهن.

(حاشيتہ الصاوي علي الجلالين 1908/5، سوره الدخان تحت آيتہ 4)



www.dawateislami.net

اميرُالمؤمنين حضرت سيّدنا علي المرتضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائين ٿا مون شهنشاهه مدينه ، قرارِ قلب و سينه صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 14 رڪعتون پڙهيون. نماز کان فارغ ٿي پوءِ پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 14 دفعا سورة الفاتحه، 14 دفعا قُل هُوَ اللهُ اَحَد (يعني سورة الاخلاص)، 14 دفعا قُل اَعُوْذُ بِرَبّ الفَلَق (يعني سورة الفلق) ۽ 14 دفعا قُل اَعُوْذُ بِرَبّ النَاس (يعني سورة النّاس) جي تلاوت فرمائي. ان کان بعد هڪ ڀيري آيَة الْكُرْسي ۽ لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ هي آيتِ مبارڪ تلاوت فرمائي . جڏهن پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان فارغ ٿيا ته مون هن فعل جي متعلق پڇيو، پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص هن طرح ڪري جيئن تو ڏٺو، ان جي لاءِ 20 مبقول حج ۽ 20 سال جي مقبول روزن جو ثواب آهي ۽ جيڪڏهن روزي جي حالت ۾ صبح ڪري ته هن جي گذريل هڪ سال ۽ اچڻ واري هڪ سال جي روزن جو ثواب آهي.

(شعب الايمان 384/3 باب في الصيام، ماجاء في ليلتہ النصف من شعبان)

حضرت سيّدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته مون کان پياري آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 30 صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هي ڳالهه بيان ڪئي آهي، جيڪو شَعبَانُ المعظم جي پندرهين رات ۾ 100 رڪعتون هن طرح پڙهي جو هر ٻن رڪعتن تي سلام ڦيري ۽ هر رڪعت ۾ سورة الفاتحه کان بعد 11 دفعا قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد (يعني سورة الاخلاص) پڙهي، الله عَزَّوَجَلّ هن جي طرف 70 دفعا نظر رحمت فرمائيندو ۽ هر نظر ۾ هن جون 70 حاجتون پوريون فرمائيندو. هن حاجتن ۾ سڀ کان گهٽ مغفرت آهي. (روح االبيان 403/8 سورة الدخان تحت الاية 3، ملخصاً)



www.dawateislami.net

حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو شخص پنج (5) راتين ۾ جاڳي ۽ اهي راتيون عبادت ۾ گذاري ته ان شخص جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. ان مان هڪ شَعبَانُ المعظم جي پندرهين رات به آهي.

(روح االبيان 403/8 سورة الدخان تحت الاية 3، ملخصاً)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان ته هن رات جا ڪيتري قدر فضائل آهن اسان کي نه صرف هن مبارڪ راتين ۾ قيام جي عادت بنائڻ گهرجي بلڪ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ جيتري قدر آساني ٿئي نفلي عبادت جي به عادت بنائڻ گهرجي. اسان جا اسلاف ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جو هي معمول هوندو هو ته ڏينهن ۾ روزو رکندا هئا ۽ راتيون قيام ۾ گذاريندا هئا.

منقول آهي سرڪارِ غوث اعظم ۽ سيّدنا امام اعظم رَحِمَهُمَا اللّٰهُ الْاَكْرَم چاليهه (40) سال عشاءِ جي وضو سان نمازِ فجر ادا فرمائي. ۽ حضور سيّدنا غوث الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم پنجويهه (25) سال، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندي عراق شريف جي جنگلن ۾ گذاريا. (بحجة الاسرار، ذڪر فصول من ڪلام مرصعاً بشيئي من عجائب ص: 118) اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام ڪيترائي سال مسلسل روزا به رکيا روزانو ٽي ٽي سؤ (300،300)، پنج پنج سؤ (500،500) ۽ هزار هزار (1000،1000) نوافل ادا ڪيا. روزانو پورو قرآنِ پاڪ تلاوت ڪندا، هزارين درود پاڪ پڙهندا هئا. الغرض اهي پاڪيزه هستيون هن دنيا کي آخرت جو فصل سمجهي ڪري هن ۾ خوب خوب چڱا ڪم ڪندا هئا. جيڪڏهن اسين به جنّت جي اعلٰي نعمتن سان محظوظ (لطف اندوز) ٿيڻ چاهيون ٿا ته اسان کي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جي طريقي تي هلندي ، فڪرِ آخرت ڪندي ۽ گناهن کان بچندي نيڪ عملن جي ڪثرت ڪرڻي پوندي.



www.dawateislami.net

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ	گُناہوں سے ہر دَم بچا یاالٰہی
عبادت میں گُزرے مری زِندگانی	کرم ہو کرم یاخُدا یاالٰہی
مُسلماں ہے عطّاؔر تیری عَطا سے	ہو اِیمان پر خاتِمہ یاالٰہی

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!	صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هن مبارڪ راتين ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت پنهنجي ٻانهن تي ڇما ڇم وسندي آهي، تنهن لاءِ ان مقدس رات ۾ گهٽ کان گهٽ عبادت ۽ رياضت جو اهتمام، گناهن کان بچڻ جو انتظام ۽ ڪثرت درود و سلام جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ڪثير انعام ۽ اڪرام حاصل ڪرڻ گهرجي. ڀهريان جي مدني سوچ رکڻ وارن مسلمان ان متبرڪ ڏينهن ۾ رب الانام عَزَّوَجَلَّ جي گهٽي کان گهٽي عبادت ڪري ان جو قرب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. افسوس اڄ مسلمان ڪي نہ ڄاڻي ڇا ٿيو ويو آهي هن مبارڪ ڏينهن جي قدر نٿا ڪن ۽ پنهنجو قيمتي وقت مسجد ۾ گذارڻ يا نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ جي بجائي فضوليات ۾ برباد ڪندا آهن، دراصل هن رات الله عَزَّوَجَلَّ خاص تجلي فرمائيندو آهي ۽ پنهنجي بيشمار ٻانهن جي بخشش ۽ مغفرت فرمائيندو آهي.

## شب براءت بخشش جي رات

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيّدُنا عليُّ المُرتضیٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان مروي آهي تہ نبيِ ڪريم، رؤف رحيم عَلَيه اَفضَلُ الصّلوۃ وَالتَّسلِيم جو فرمانِ عظيم آهي: جڏهن پندرهين شعبان جي رات اچي تہ انهيءَ ۾ قيام (يعني



www.dawateislami.net

عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو. بيشڪ الله تعالىٰ سج لهڻ کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلّي فرمائيندو ۽ چوندو آهي:

”آهي ڪو مون کان مغفرت گُهرڻ وارو جو ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزيءَ گهرڻ وارو جو ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل جو ان کي عافيّت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ اهو انهيءَ وقت تائين فرمائيندو آهي جو فجر ظاهر ٿي وڃي.“

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 160 رقم الحديث 1388 دارالمعرفة بيروت)

افسوس صد افسوس! ڪجهه نادان مسلمان هن رات جو احترام ڪرڻ ته پري جي ڳالهه بلڪ جيڪي مسلمان بيمار، پوڙها يا ٻار گهرن ۾ آرام يا خشوع ۽ خضوع سان گڏ رب تعالٰي جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ڪري عبادت ۾ مشغول هوندا آهن، انهن کي آتشبازي جي ذريعي تڪليف پهچائڻ ۽ ان جي عبادت ۾ خَلل پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجندا آهن. ياد رکو! مسلمانن کي ستائڻ، انهن جو دل ڏکائڻ ۽ انهن کي طرح طرح جون تڪليفون پهچائڻ هي سڀ ناجائز ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

ٿورو سوچو! هن مبارڪ رات ۾ جڏهن سيني جي مغفرت ٿي رهي هجي ته اسان جي انهن ناپاڪ حرڪتن جي سبب اسان جي بخشش رڪجي وڃي ته ان وقت اسان جو ڇا ٿيندو. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان کان دانسته يا غير دانسته طور تي ڪنهن مسلمان جي دل آزاري ٿي يا ڪنهن جو حق تلف ڪري ڇڏيو، يا ڪنهن جي لاءِ پنهنجي دل ۾ دشمني ويهاري ڇڏي ته شب برائت اچڻ کان پهريان



www.dawateislami.net

پھريان معافي تلافي ڪري ڇڏيو ۽ آئنده انهن گناهن کان باز رهڻ جي نيت بہ فرمائي ڇڏيو ڇو تہ زندگي جو ڪو ڀروسو ناهي، ڪهڙي خبر هن سال ئي اسان جي موت واقع ٿي وڃي ۽ اسان غفلت ۾ ئي رهون.

لِهٰذا جلدي جلدي پنهنجا حقوق معاف ڪرائي ڇڏيو ۽ آتش بازي جي ذريعي عبادت گذارن، بيمارن ۽ ڪير ٻياڪن ٻارن ڪي تڪليف پهچائڻ کان توبہ ڪريو. ياد رکو! آتش بازي مسلمانن جي نہ بلڪ غير مسلمانن جي ايجاد آهي. جيئن تہ مُفَسّر شهير حڪيمُ الأُمت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان پنهنجي مختصر ڪتاب "**اسلامي زندگي**" ۾ فرمائن ٿا: "هن رات ڪي گناهن ۾ گذارڻ وڏي محرومي جي ڳالھ آهي، آتش بازي جي باري ۾ مشهور آهي تہ نمرود بادشاھ ايجاد ڪئي، جڏهن ان حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي باھ ۾ وِڌو ۽ باھ گلزار ٿي وئي تہ ان جي ماڻهن باھ جا ڦٽاڪا ڀري ان ۾ باھ لڳائي حضرتِ سيّدُنا خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طرف اڇلايا."

(اسلامي زندگي ص 77)

آتش بازي جي هي ناپاڪ رسم هاڻي مسلمانن ۾ وڏي رهي آهي، مسلمانن جا ڪروڙين روپيا هر سال آتش بازي (يعني ڦٽاڪن) جي نذر ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح آئي ڏينهن هي خبرون اينديون آهن تہ فلاڻي جڳھ تي ڦٽاڪن جي ڪري ايترا گهر سڙي ويا ۽ ايترا ماڻهو سڙي ڪري مري ويا وغيره وغيره. هن ۾ جان جو خطرو، مال جي بربادي ۽ گهر ۾ باھ لڳڻ جو انديشو آهي، هي ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني بہ آهي. حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا:



www.dawateislami.net

”آتشبازي ناهڻ، ويڪرو ڪرڻ، خريد ڪرڻ ۽ خريد ڪرائڻ، هلڻ ۽ هلائڻ سڀ حرام آهي.“ (اسلامي زندگي ص 63)

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے
اُمّت پہ تِری آکے عَجَب وَقْت پڑا ہے
فَریاد ہے اے کِشتیٔ اُمّت کے نگہباں
بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! شب برائت ۾ آتش بازي جي ذريعي مسلمانن جي عبادتن ۾ خَلل پيدا ڪرڻ جي بجائي خود به خوب خوب عبادت ڪريو، روئي روئي ڪري پنهنجي گناهن جي معافي طلب ڪريو، پنهنجي بخشش ۽ مغفرت سان گڏوگڏ سنت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان قبرستان وڃي ڪري آخرت جي فڪر پيدا ڪرڻ جي لاءِ قبرن جي زيارت به ڪريو ۽ پنهنجي مرحومين سميت تمام مسلمانن جي لاءِ مغفرت جي دعا به ڪريو.

## شبِ براءَت ۾ قبرن جي زيارت

اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرتِ سيّدَتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون هڪ رات سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نه ڏٺو ته بقيعِ پاڪ ۾ مون کي ملي ويا . پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: ڇا توهان کي هن ڳالهه جو خوف هيو جو الله ۽ ان جو رسول



www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي حق تلفي ڪندا . مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون خيال ڪيو هو ته شايد اوهان اَزْوَاجِ مُطَهَّرات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ مان ڪنهن وٽ تشريف کڻي ويا هوندؤ. مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”بيشڪ الله تعالیٰ شَعبان جي پندرهين رات آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي، پوءِ قبيلي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ گناهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي.“ (ترمذي ج 2 ص 183 حديث 739 دارالفڪر بيروت)

منا منا اسلامي ڀائرو! شب برائت ۾ اسلامي ڀائرن جو قبرستان وڃڻ سنت آهي. (مگر اسلامي ڀينرن کي شرعًا ان جي اجازت ناهي اهي گهر ۾ رهي ڪري عبادت ۽ ايصال ثواب ڪن) اسلامي ڀاءُ قبرستان وڃي پنهنجي مرحومن جي لاءِ ايصال ثواب ۽ مغفرت جي دعا ڪن جو ان سان مُردن کي اُنسيَّت حاصل ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن انهن جي لاءِ دُعاءِ مغفرت نه ڪئي وڃي ته غمگين ٿي ويندا آهن. جئين ته

## قبرستان جا مُـردا خواب ۾ اچي پهتا!

هڪ شخص جو معمول هو ته هُو قبرستان ۾ اچي ويهي رهندو ۽ جڏهن به ڪو جنازو ايندو، اُنهي جي نماز پڙهندو ۽ شام جي وقت قبرستان جي دروازي تي بيهي ڪري هِن طرح دعائون ڏيندو هو: ”(اي قبر وارؤ!) خدا توهان کي اُنس (يعني سڪون) عطا ڪري توهان جي غربت تي رحم ڪري. توهان جا گناهه معاف فرمائي ۽ نيڪيون قبول ڪري. اُهي ئي شخص فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن شام جو (وڃڻ وقت) آئون پنهنجو قبرستان وارو معمول پورو نه ڪري سگهيس، يعني اُنهن کي



www.dawateislami.net

دعائون ڏيڻ جي بغير ئي گهر اچي ويس. منهنجي خواب ۾ وڏي تعداد ۾ هڪ مخلوق اچي وئي! مون اُنهن کان پڇيو: اوهان ڪير آهيو ۽ ڇو آيا آهيو؟ چيائون: اسان قبرستان وارا آهيون. اوهان عادت بڻائي ڇڏي هئي تہ گهر اچڻ وقت اسان کي هديو (يعني تحفو) ڏيندا هُئا ۽ اڄ توهان نہ ڏنو. مون چيو: اُهو هديو ڇا هو؟ تہ اُنهن چيو: اُهو هديو دعائن جو هو. مون چيو: هاڻي هي هديو آئون توهان کي ٻيهر ڏيندس. هن کان پوءِ مون پنهنجي انهيءِ معمول کي ڪڏهن بہ ترڪ نہ ڪيو. (شرحُ الصُّدور ص 226)

## مرحوم والد صاحب خواب ۾ اچي چيو تہ.....

حضرتِ سيّدُنا سُفْيان بِن عُيَيْنه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بيان آهي: جڏهن منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿي ويو تہ مون تمام واويلو ڪيو (يعني تمام گهڻو رُنس) ۽ اُن جي قبر تي روزانو حاضري ڏيڻ لڳس. پوءِ آهستي آهستي ڪجهہ گهٽتائي اچي وئي. هڪ ڏينهن مرحوم والد خواب ۾ تشريف آڻي فرمايو: اي پُٽ! تو ڇو دير ڪئي؟ مون پُڇا ڪئي: ڇا اوهان کي منهنجي اچڻ جو علم ٿي ويندو آهي؟ فرمايائون: ڇو نہ ، مون کي تنهنجي حاضري جي خبر ٿي ويندي هئي ۽ آئون تو کي ڏسي خوش ٿيندو هئس گڏوگڏ منهنجا پاڙيسري مُردا بہ تنهنجي دُعا سان راضي ٿيندا هئا. اهڙي ريت اِنهي خواب کان پوءِ مون پابندي سان والد صاحب جي قبر تي وڃڻ شروع ڪري ڏنو. (شرحُ الصُّدور، ص 227)

## روحَ گهرن تي اچي ايصالِ ثواب جو مطالبو ڪن ٿا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ مرڻ وارا پنهنجي قبرن تي اچڻ وڃڻ وارن کي سڃاڻيندا آهن ۽ اُنهن کي زندهہ جي دعائن سان



www.dawateislami.net

فائدو پهچندو آهي، جڏهن زنده ماڻهن جي طرفان ايصال ثواب جا تحفا اچڻ بند ٿيندا آهن تہ اُنهن کي خبر پئجي ويندي آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اُنهن کي اجازت ڏيندو آهي پوءِ گهرن تي وڃي ڪري ايصال ثواب جو مطالبو بہ ڪندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِ دين ملّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ (مُخَرَّجه) جلد 9 صفحي 650 تي نقل ڪن ٿا: مؤمِنن جا رُوحَ هر (1) جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) (2) عيد جي ڏينهن، (3) عاشوري جي ڏينهن ۽ (4) شبِ برات تي پنهنجي گهر جي ٻاهر اچي بيٺل رهنديون آهن ۽ هر رُوح درد ڀري وڏي آواز سان نِدا ڪندي (يعني سڏ ڪري چوندي) آهي تہ اي منهنجا گهر وارؤ! اي منهنجي اولاد! اي منهنجا رشتيدارو! (اسان جي ايصال ثواب جي نيّت سان) صدقو (خيرات) ڪري اسان تي مهرباني ڪريو. سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مشڪبار آهي: مُردي جو حال ٻڏندر ماڻهو جيان آهي اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا سندس پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا سندس پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اها (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي) ڪان بهتر هوندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ قبروارن کي سندس زنده مُتَعَلِّقين جي طرف کان هديو ڪيل ثواب جبلن جيان عطا فرمائيندو آهي، زنده جو هديو (يعني تحفو) مردن جي لاءِ "دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي".



www.dawateislami.net

ہے کون کہ گِریہ کرے یا فاتِحہ کو آئے
بے کس کے اُٹھائے تِری رَحمت کے بھَرَن پھول
(حدائقِ بخشش ۷۹)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس لنگرِ رسائل جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻہ پنھنجي مرحومن جي بخشش ۽ مغفرت جي لاءِ خوب خوب صدقو، خيرات ۽ نيڪ اعمال جو ثواب پھچائڻ سان گڏوگڏ لنگر رسائل جي ٻہ ترڪيب بڻائڻ گھرجي. لنگر رسائل مان مراد ھي آھي تہ مڪتبة المدينہ کان ڪُتب، رسائل ۽ VCDs خريد ڪري حصولِ ثواب ۽ مسلمانن جي خير خواھي جي نيت سان مفت تقسيم ڪيون وڃن. دعوت اسلامي جي ڪم و بيش 97 شعبن ۾ ھڪ شعبو مجلس لنگر رسائل بہ آھي، جيڪو حقيقت ۾ مڪتبة المدينہ جو ئي ھڪ شعبو آھي، جنھن جو ڪم گھر گھر، آفيس آفيس، دڪان دڪان، اسڪولز، ڪاليجز، يونيورسٽيز، جامعات ۽ مدارس ۾ سڄو سال شيخ طريقت، امير اھلسنت ۽ مڪتبة المدينہ جي ڇپيل مطبوعہ ڪتب ۽ رسائل ۽ VCDs وغيرہ جي ذاتي طور تي حسبِ استطاعت ۽ مخيّر اسلامي ڀائرن سان رابطو ڪري لنگر رسائل جي ترڪيب ڪرڻ آھي. مجلس لنگر رسائل جي ذمہ داران بالخصوص دعوت اسلامي وارن ڪي ۽ بالعموم ھر عاشقِ رسول جو ھي ذھن ٺاھڻ



www.dawateislami.net

جي ڪوشش ڪندا آهن تہ اهي هن حديث پاڪ: ”تَهَادَوْا تَحَابُّوْا“ (يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي) تي عمل جي نيت سان هر مهيني مڪتبة المدينہ کان جاري ڪيل گهٽ ۾ گهٽ 12 ڪتب ۽ رسائل يا هڪ VCD ذاتي رقم مان خريد ڪري پنهنجي رشتيدارن، قريبي دڪاندارن، طلبہ ۽ استادن وغيره ۾ تقسيم ڪريو گڏوگڏ مرحومين جي ايصال ثواب جي لاءِ ٽيجهو، ڏهو، چاليهو، ورسي وغيره جي موقعن تي بہ رسائل تي مرحومين جو نالو لکرائي مفت تقسيم جي ترڪيب ڪندا ڪريو. شادي ڪارڊز ۾ بہ هڪ هڪ رسالو وجهي ڇڏيندا ڪريو تہ جيڪڏهن توهان جو ڏنل رسالو يا پمفليٽ پڙهي ڪري ڪنهن جو دل بدلجي وڃي ۽ اهو نمازي ۽ سنتن جو عادي ٿي ويو تہ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ توهان جو بہ ٻنهي جهانن ۾ بيڙو پار ٿي ويندو. ياد رهي تہ مدني عطيّات مان لنگر رسائل ڪرڻ جي اجازت ناهي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي شعبان المعظم بالخصوص شب برائت ۾ وڌ کان وڌ عبادت ڪرڻ ۽ پنهنجي بخشش ۽ مغفرت سان گڏوگڏ پنهنجي مرحومين جي لاءِ بہ مغفرت جي دعا ۽ ايصال ثواب ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## بيان جو خلاصو

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان شَعبانُ المعظم جا فضائل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هي مبارڪ مهينو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پسنديده ۽ توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي



www.dawateislami.net

درود ۽ سلام پڙهڻ جو مهينو آهي. اسان کي هن مبارڪ مهيني جو احترام ڪندي وڌ کان وڌ عبادت ۽ تلاوت، نفلي روزن جي ڪثرت ، آخرت جي فڪر پيدا ڪرڻ جي لاءِ قبرن جي زيارت ، مرحُومين جي بخشش جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي دوست ۽ احباب، گهر وارن، رشتيدارن ۽ پاڙي وارن کي آتشبازي ۽ ٻين بُرن ڪمن کان بچائڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. ٿي سگهي تہ هن مهيني ۾ گهر گهر اجتماع ذڪر و نعت منعقد ڪريو ۽ دعوت اسلامي جي زير اهتمام شب برائت جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي بہ نيت ڪريو ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ، نيڪين جو جذبو پائڻ ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو.

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو. ان 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“ بہ آهي. اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ جڏهن تہ بازارن ۾ بي حيائي، بي پردگي، فحاشي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، گار گند ۽ وعده خلافي جهڙن گناهن جو طوفان آهي، اهڙي ۾ اتي وڃي ڪري ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ سعادت کان گهٽ ناهي. ياد رهي! چوڪ درس ۾ علم دين جون ڳالهيون بيان ڪيون وينديون آهن، اهڙي طرح ”چوڪ درس“ نيڪي



www.dawateislami.net

جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ جي لاءِ هڪ بهترين ذريعو آهي ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا ته بيشمار فضائل آهن، جئين ته

منقول آهي هڪ ڀيرو محبوبِ رَبُّ الْعٰلَمِيۡن، جنابِ صادق و امين صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر اقدس تي جلوه فرما هئا، هڪ صحابي رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جن عرض ڪيو:"يا رسول الله صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ سڀ کان وڏيڪ سٺو ڪير آهي" ارشاد فرمايائون: "ماڻهن مان اهو شخص سڀ کان سٺو آهي جيڪو ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري، زياده متقي هجي، سڀ کان وڏيڪ نيڪي جو حڪم ڏئي ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان وڏيڪ صلهء رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) ڪرڻ واري هجي.

(مسند امام احمد، ج 10، ص 402، حديث 27504)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان ته مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان جي مطابق سڀ کان سٺو اهو شخص آهي جيڪو سڀ کان وڏيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي. چوڪ درس ڏيڻ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جو موثر ذريعو آهي. اسان کي به وقتًا فوقتًا چوڪ درس ڏيڻ، ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا رهون. ان مان خوب خوب ديني معلومات به حاصل ٿيندي ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب به ملندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان تمام گهڻا اسلامي ڀائر گناهن ڀري زندگي ڇڏي ڪري سنتن جي



www.dawateislami.net

مطابق زندگي گذارڻ وارا بڻجي ويا. اچو ته هڪ مدني بهار سماعت ڪريون. جيئن ته

## لاڏ پيار مون کي ضدي بڻائي ڇڏيو هو

شاهدره (مرڪز الاوليا لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي، آئون پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ هئس، گهڻي لاڏ پيار مون کي حد درجي جو ضدي ۽ ماءُ پيءُ جو سخت نافرمان بڻائي ڇڏيو هو. سڄي رات اجايو رلندو هوس ۽ صبح دير تائين سمهندو هوس. ماءُ پيءُ سمجهائيندا هئا ته انهن کي دڙڪا ڏيندو هوس. اهي ويچارا ڪڏهن ڪڏهن روئي پوندا هئا. دعائون گهرندي گهرندي امڙ جون اکيون آليون ٿي وينديون هيون. ان عظيم گهڙيءَ تي لک سلام جنهن ”گهڙي“ مون کي دعوتِ اسلامي واري هڪ عاشقِ رسول سان ملاقات جي سعادت ملي ۽ ان محبت ۽ پيار سان انفرادي ڪوشش ڪندي مون پاپي ۽ بدڪار کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو. جيئن ته آئون عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. نه ڄاڻي انهن عاشقانِ رسول ٽن ڏينهن جي اندر ڇا گهوٽي پياريو جو مون جهڙي ضدي انسان جي پٿر جهڙي دل جيڪا ماءُ پيءُ جي ڳوڙهن سان به نه پگهرندي هئي، ميڻ بڻجي وئي. منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ آئون مدني قافلي مان نمازي بڻجي موٽيس. گهر اچي مون سلام ڪيو، والد صاحب جا هٿ چميا ۽ امڙ جا به پير چُميا. گهر وارا حيران ٿيا! ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي، ڪالهه تائين جيڪو ڪنهن جي ڳالهه ٻُڌڻ جي لاءِ تيار نه هو اُهو اڄ ايڏو باادب بڻجي ويو آهي!

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت مون کي



www.dawateislami.net

بلڪل بدلائي ڇڏيو ۽ هي بيان ڏيڻ وقت مون اڳوڻي بي نمازيءَ کي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي يعني **صداءِ مدينه** لڳائڻ جي ذمہ داري مليل آهي. (**دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ اٿارڻ کي صداءِ مدينه لڳائڻ چوندا آهن)

گر چہِ اعمالِ بد،اور اَفعالِ بد     نے ہے رُسوا کیا ، قافلے میں چلو
کرسفر آؤ گے ،تم سُدھر جاؤ گے     مانگو چل کر دُعا ، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”شَعْبَانُ الْمُعَظَّم“ جي يارهن اڪرن جي نسبت سان قبرستان جي حاضري جا 11 مدني گل

﴿1﴾ نبيِّ ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيه اَفضَلُ الصّلوٰةُ وَالتَّسلِيم جو فرمان عظيم آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان

1...مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنة،97/1،حديث:175



www.dawateislami.net

قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوته هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجه ج 2 ص 252 حديث1571)

﴿2﴾ (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن به مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ گهرجي ته مستحب هي آهي ته پهرينءَ پنهنجي گهر (غير مڪروهه وقت) ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُ الفَاتِحه کان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُ الکُرسِي ۽ ٽي ڀيرا سورةُ الاِخلاص پڙهي ان نماز جو ثواب صاحب قبر کي پهچائي، الله تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو. (عالمگيري ج 5 ص 350 دارالفکر بيروت)

﴿3﴾ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي واٽ تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نه ٿئي. (ايضاً)

﴿4﴾ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو جتي ماضي ۾ به ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نه هيون، ”ردالمحتار“ ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ٺاهيو ويو ان تي هلڻ به حرام آهي (ردالمحتار ج 3 ص 612) بلڪ نئي رستي جو گمان هجي تڏهن به ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهه آهي. (درمختار ج 3 ص 183 دارالمعرفة بيروت)

﴿5﴾ ڪئين اوليائن جي مزارن تي ڏٺو ويو آهي ته زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحه پڙهو.

﴿6﴾ قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون بيهي ڪري ۽ ان (يعني قبر واري) جي پيراندي واري پاسي کان وڃجي جو ان جي



www.dawateislami.net

نگاهہ سامهون هجي، سيراندي کان نہ اچي جو ان کي متو ڪٽي ڏسٹو پوندو. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 532)

﴿7﴾ قبرستان ۾ انهيءَ طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ اَنۡتُمۡ لَنَا سَلَفٌ وَّنَحنُ بِالۡاَثَرِ يعني: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون. (عالمگيري ج 5 ص 350)

﴿8﴾ جيڪو قبرستان ۾ داخل تي ڪري هي چوي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الۡاَجۡسَادِ الۡبَالِيَةِ وَالۡعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِيۡ خَرَجَتۡ مِنَ الدُّنۡيَا وَهِيَ بِكَ مُؤۡمِنَةٌ اَدۡخِلۡ عَلَيۡهَا رَوۡحًا مِّنۡ عِنۡدِكَ وَسَلَامًا مِّنِّي ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ (اي) ڳريل جسمن ۽ بوسيدا هڏين جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو دنيا مان ايمان جي حالت ۾ رخصت ٿئي تون ان تي پنهنجي رحمت ۽ منهنجو سلام پهچاءِ، تہ حضرت سيدنا آدم عَلَيۡهِ السَّلام کان وني ڪري ان وقت تائين جيترا مؤمن فوت ٿيا سيئي ان (يعني دعا پڙهڻ واري) جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 8 ص 257)

﴿9﴾ شفيعِ مُجرِمان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿيو پوءِ ان سورۃُ الفاتحہ، سورۃ الاِخلاص ۽ سورۃ التَّكاثُر پڙهي پوءِ هي دعا گهري: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪو ڪجهہ قران پڙهيو ان جو ثواب ان قبرستان جي مومن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ، تہ اهي تمام مؤمن قيامت جي ڏينهن ان (يعني ايصال ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي هوندا. (شرح الصدور ص 311) حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو يارهن ڀيرا سورۃُ الاِخلاص يعني قُل هُوَ اللّٰهُ اَحَد (مڪمل سورة) پڙهي ان جو ثواب مري



www.dawateislami.net

ويلن کي بخشي تہ مُردن جي ڳڻتي برابر ان (يعني ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو. (درمختار ج 3 ص 183)

﴿10﴾ قبر جي مٿي اگربتي نہ ٻاري وڃي ھن ۾ بي ادبي ۽ بد فالي آھي (۽ ھن سان ميّت کي تڪليف ٿيندي آھي) ھا جيڪڏھن (حاضرين کي خوشبو (پھچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاھيو تہ) قبر وٽ خالي جڳھ ھجي اتي لڳايو جو خوشبو پھچائڻ محبوب آھي. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 525، 582)

اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ھڪ ٻي جڳھ تي فرمائن ٿا: ”صحيح مسلم شريف“ ۾ حضرت عمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آھي، انھن مرڻ وقت پنھنجي فرزند کي فرمايو: جڏھن مان مري وڃان تہ مون سان گڏ نہ ڪو نوحو ڪرڻ (يعني روڄ راڙي) واري وڃي نہ آگ وڃي.
(مسلم ص 75 حديث 196)

﴿11﴾ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو جو اھي آگ آھن، قبر تي آگ رکڻ سان ميّت کي اَذيت (يعني تڪليف) ٿيندي آھي، ھا رات ۾ راھ ھلندڙن جي لاءِ روشني مقصود ھجي تہ قبر جي ھڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگھو ٿا.

ھزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بھار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙھو. سنتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آھي.

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافِلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب!　　صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net